سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# جماعت سان نماز پڙهڻ

20 نومبر 2025ع



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ

**(3):** جائزو: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اج جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ **72 نيڪ اعمال** مان هڪ نيڪ عمل **جماعت ڪان نماز پڙهڻ جي متعلق** معلومات ڏني ويندي ۽ **سمهڻ وقت جي دعا** ياد ڪرائي ويندي ۽ آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو به ورتو ويندو.

اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم!

# دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: جيڪو مون تي هڪ ڀيرو درود شريف پڙهندو آهي الله پاڪ ان جي لاءِ هڪ قيراط اجر لکندو آهي ۽ قيراط اُحد جبل جيترو آهي.[(1)]

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

# جماعت سان نماز پڙهڻ

نيڪ عمل نمبر 2: ڇا اَڄ توهان پنج ئي نمازون جماعت سان ادا ڪيون؟[(2)]

# جماعت سان نماز پڙهڻ جو مطلب

امام جي اقتدا يعني پيرويءَ ۾ نماز ادا ڪرڻ کي جماعت سان نماز پڙهڻ چئبو آهي.

وضاحت: جماعت 2 قسم جي آهي: (1): جماعتِ اُوليٰ: محلي جي مسجد، جنهن لاءِ امام مقرر آهي، اُتي امام اذان ۽ اقامت سان سنت طريقي موجب جيڪا جماعت ڪرائي، اُها جماعتِ اُوليٰ (پهرين جماعت) آهي.[(3)] (2): جماعتِ ثانيہ: جماعتِ اُوليٰ (پهرين جماعت) تيڻ ڪان پوءِ جيڪا جماعت ڪرائي وڃي، اُها

---

1... مصنف عبد الرزاق، كتاب الطهارة، باب ما يذهب الوضوء من الخطايا،جلد: 1،صفحہ:40،حديث:153۔

2... 72 نيڪ اعمال ،صفحہ:1۔

3... بهار شريعت،جلد:1،صفحہ: 697 ملخصًا ۔

جماعتِ ثانيَہ (ٻي جماعت) آهي.

## آيت ڪريم

الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَ ارْكَعُوْا مَعَ الرّٰكِعِيْنَ(۴۳)

(سيپارو: 1، البقره، 43)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ رڪوع ڪرڻ وارن سان رُڪوع ڪيو.

مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تفسير نعيمي ۾ هن آيت جي تحت فرمائن ٿا: يعني نماز پنهنجن گهرن ۾ اڪيلي ئي ادا نہ ڪندا ڪريو بلڪ پنج وقتي جماعت ۾ شامل ٿي نمازين سان گڏ ادا ڪندا ڪريو تہ جيئن توهان کي دين جون برڪتون ۽ انوار حاصل ٿين. [1]

## پنج نمازن کي جماعت سان ادا ڪرڻ جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنهن فجر جي نماز باجماعت پڙهي، پوءِ ويهي الله پاڪ جو ذِڪر ڪندو رهيو، ايتري قدر جو سج نڪري آيو، ان لاءِ جنت الفردوس ۾ 70 درجا هوندا، هر 2 درجن جي وچ ۾ ايترو فاصلو هوندو جيترو هڪ سڌريل (Trained) تيز رفتار عمده نسل جو گهوڙو 70 سالن ۾ طَي ڪندو آهي ۽ جنهن ظهر جي نماز باجماعت پڙهي ان لاءِ جنتِ عدن ۾ 50 درجا هوندا، هر 2 درجن جي وچ ۾ ايترو فاصلو هوندو جيترو هڪ سڌريل (Trained) تيز رفتار عمده نسل جو گهوڙو 50 سالن ۾ طَي ڪندو آهي ۽ جنهن عصر جي نماز باجماعت پڙهي ان لاءِ اولادِ اسماعيل مان اهڙا 8 غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب هوندو جيڪي بيت الله (يعني ڪعبہ شريف) جي سار سنڀال ڪرڻ وارا هوندا ۽ جنهن مغرب جي نماز باجماعت پڙهي ان لاءِ حجِ مبرور (يعني قبول ٿيل حج) ۽ قبول ٿيل عمري جو ثواب هوندو ۽ جنهن عشا جي نماز باجماعت پڙهي ان لاءِ ليلة القدر ۾ قيام (يعني عبادت) ڪرڻ جي برابر ثواب هوندو. [2]

1... تفسير نعيمى، پاره:1، البقرة، تحت الآية:43، جلد:1،صفحہ:341۔۔

2...شعب الايمان، باب فى الصبر على المصائب،جلد:7، صفحہ:137، حديث: 9761 ۔

# جماعت سان نماز پڙهڻ جي مُتعلق احڪام

(1) پنج وقتن جي نماز مسجد ۾ جماعت سان ادا ڪرڻ واجب آهي.[1]
(2) مُدرڪ يعني پوري جماعت ماڻڻ وارو اهو آهي جيڪو تمام رڪعتون امام سان گڏ ادا ڪري.[2]
(3) جيڪو امام سان گڏ تشهد ۾ شامل ٿيو، ان کي جماعت تہ نہ ملي البته جماعت جو ثواب ملندو. پر ان کي ايترو ثواب نہ ملندو جيترو پوري جماعت ماڻڻ واري کي ملندو آهي.[3]
(4) جيڪڏهن امام سان گڏ اهلِ محلي جي جماعت ٿي وئي ۽ ڪجهہ ماڻهو رهجي ويا تہ اذان چوڻ کان سواءِ، محراب کان هٽي ٻي جماعت ڪرائي سگهن ٿا.[4] تنهنڪري جن کي پهرين جماعت نہ ملي سگهي، جيڪڏهن جماعت قائم ڪري سگهن تہ جماعت ترڪ نہ ڪن.[5] (5) ان اعتماد تي تہ اسين پنهنجي جماعت ٻيهر ڪري وٺنداسين، شرعي مجبوريءَ کان سواءِ پهرين جماعت ڄاڻي واڻي ترڪ ڪرڻ گناهہ آهي. اهڙي جاءِ تي جماعتِ ثاني يعني ٻي جماعت هرگز قائم نہ ڪئي وڃي جتي فتني ۽ نفرت جي فضا قائم ٿيندي هجي مثلاً: امام صاحب يا ٻيا نمازي اهو سمجهندي اعتراض ڪندا هجن تہ ڄاڻي واڻي جماعتِ ثانيه (ٻي جماعت) قائم ڪئي پئي وڃي.[6]

# باجماعت نماز سان نيڪ ٻانهن جي محبت

۞ حضـــرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي (شـــرعي مجبوريءَ ســـبب) ڪڏهن جماعت نڪري ويندي هئي تہ پوئين نماز تائين نفل پڙهندا رهندا هئا.[7]

۞ حضرت سعيد بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰـهِ عَـلَيۡه جي جماعت نڪري ويندي هئي تہ

---

1...فتاوی رضویہ،جلد:7،صفحہ:194۔
2...بحر الرائق، کتاب الصلاۃ، باب الامامۃ ،جلد:1،صفحہ:623 ۔
3...بہارِ شریعت جلد:1،صفحہ:698،ملخصاً ۔
4...فتاوی اہلسنت ،فتوی نمبر: WAT-1604۔
5...فتاوی رضویہ،جلد:7،صفحہ:199بتغیرقلیل۔
6...فیضان نماز، صفحہ:173۔
7...الاصابۃ، رقم :4883، عبد اللہ بن عمر،جلد:4صفحہ:151 ۔

پنهنجي ڏاڙهي پڪڙي روئندا هئا.[1] ۞ حضرت محمد بن سماعہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي 40 سالن ۾ فقط هڪ ڀيرو تڪبيرِ اُولٰي فوت ٿي.[2] ۞ تابعي بزرگ حضرت سعيد بن مسيب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي 40 سالن ۾ هڪ ڀي جماعت فوت نہ ٿي.[3] ۞ حضرت اَعمش رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي 70 سالن ۾ ڪڏهن ڀي تڪبيرِ اُولٰي فوت نہ ٿي. ۞ حضرت يحيٰي بن سعيد قطان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي جماعت جي ڳولها ۾ ڪڏهن ڀي نہ ڏٺو ويو (يعني سندن جماعت فوت ٿيندي ئي نہ هئي). ۞ حضرت سويد بن غفلہ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي عمر 126 سال هئي پر پاڻ جماعت سان نماز پڙهڻ لاءِ مسجد تشريف کڻي ويندا هئا.[4] ۞ اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت، امام احمد رضا خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ ننڍپڻ کان ئي نمازِ باجماعت جا پابند هئا، هڪ ڀيرو پير جو آڱوٺو ناسُور ٿي پيو، ڊاڪٽر هلڻ ۽ مسجد وڃڻ کان منع ڪيو، ان جي باوجود پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ نماز باجماعت ئي پڙهندا رهيا، چار ماڻهو ڪرسي تي ويهاري کين مسجد کڻي ويندا هئا.[5]

۞بهارِ شريعت جا مصنف مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ نمازِ باجماعت جا سختي سان پابند هئا، جيڪڏهن ڪنهن وقت مؤذن وقت تي نہ پهچندو هو تہ اذان ڀي پاڻ ڏيندا هئا.[6]

۞ مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي 40، 50 سالن تائين مسلسل تڪبيرِ اُولٰي ڀي فوت نہ ٿي.[7]

۞ اميرِ اهلسنت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ فرمائين ٿا: جماعت ترڪ ڪرڻ منهنجي لغت ۾ ئي نہ آهي، ايستائين جو جڏهن

---

1...تاريخ ابن عساکر، رقم:2514،سعيد بن عبد العزيز...الخ،جلد:21صفحہ:203 ۔

2...فيضانِ نماز،صفحہ:143ملخصاً۔

3...فيضانِ نماز،صفحہ:496۔

4...فيضانِ نماز،صفحہ:502۔ 504،ملتقطًا۔

5...فيضانِ نماز، صفحہ:553،ملخصاً ۔

6...تذکرہ صدر الافاضل، صفحہ:31 ۔

7...فيضانِ مفتی احمد يار خان نعيمی، صفحہ:29، بتغير قليل ۔

منهنجي والده جو انتقال ٿيو ته ان وقت گهر ۾ ٻيو ڪو مرد نه هو پر الحمد لله! ماءُ جي ميت گهر ڇڏي مسجد ۾ نماز پڙهائڻ جي سعادت ملي.[1]

جماعت کی مولیٰ عنایت ہو اُلفت | کرم ہو پئے مصطفےٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَ آلِہٖ وَسَلَّم

## نماز باجماعت پڙهڻ جا فائداءِ ثواب

۞ الله پاڪ جماعت سان نماز پڙهڻ وارن کي محبوب رکندو آهي (يعني پسند فرمائي ٿو) آهي ۞ جماعت سان نماز اڪيلي پڙهڻ کان 27 درجا افضل آهي ۞ الله پاڪ ۽ ان جا فرشتا جماعت سان نماز پڙهڻ وارن تي درود موڪليندا آهن ۞ جماعت سان نماز پڙهڻ وارو پل صراط تان بجليءَ جيان گذرندو ۞ جماعت سان نماز پڙهڻ وارن جي شان ۽ شوڪت ڏسي اهل محشر رشڪ ڪندا ۞ مسجد ڏانهن ويندڙ جي هر قدم تي هڪ درجو بلند ٿيندو آهي ۽ ۞ هڪ گناهه مٽائي ڇڏيو ويندو آهي ۞ الله ڪريم ان لاءِ صبح ۽ شام جنت ۾ مهماني جو انتظام فرمائيندو[2] ۞ جيڪڏهن جماعت ۾ هڪ جي نماز قبول ٿي وئي ته سڀني جي قبول آهي.[3] جماعت سان نماز پڙهڻ ۾ دنياوي فائدا: ۞ جماعت جي برڪت سان قوم ۾ نظم و ضبط رهندو آهي ۞ جماعت سان پاڻ ۾ اتفاق وڌندو آهي ۞ قوم ۾ وقت جي پابندي جي عادت پوندي آهي جو سڀ ماڻهو نيڪ جماعت جي وقت تي پهچندا آهن.

## جماعت سان نماز نه پڙهڻ جا نقصان

۞ شرعي مجبوريءَ کان سواءِ هڪ ڀيرو به جماعت ڇڏڻ وارو گنهگار آهي. ۞ جماعت ڇڏڻ تي شيطان غالب ايندو آهي ۽ ان تي پنهنجو قبضو ڪري وٺندو آهي (تجربي سان معلوم آهي ته جماعت نڪري وڃڻ جي صورت ۾ ڪجهه ماڻهو ٽال مٽول ڪرڻ لڳندا آهن، نتيجو اهو نڪرندو آهي ته معاذ الله! ڪڏهن سنڌن

1...سنت نکاح، صفحہ:19۔

2...فيضانِ نماز، صفحہ:139۔

3...رسائل نعیمیہ، اسرارالاحکام، صفحہ:288۔

نماز ئي قضا ٿي ويندي آهي.) ۞ جيڪو تڪبير (يعني اقامت) ٻڌي جماعت لاءِ حاضر نہ ٿئي، حديث پاڪ ۾ ان کي بدبخت، نامراد، ظالم، اَظلم (تمام وڏو ظالم) ۽ منافق فرمايو ويو آهي.[1] ۞ اڪيلو نماز پڙهڻ وارو، باجماعت نماز پڙهڻ واري جو درجو حاصل ناهي ڪري سگهندو پلي ڪٽي هڪ نماز کي 27 ڀيرا ئي ڇو نہ پڙهي وٺي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر:2 جماعت سان نماز پڙهڻ جي عنوان تي تمام مفيد معلومات حاصل ڪئي، اچو! نيت ڪيون ٿا: هن نيڪ عمل کي اپنائيندي، پنجئي نمازون جماعت سان ادا ڪنداسين، تہ اڄ ئي مڪتبة المدينہ تان ۞ نيڪ اعمال جو رسالو حاصل ڪريو يا موبائل ۾ ۞ Naik Amal ايپلي ڪيشن انسٽال ڪري ونو ۽ روزانو پنهنجو جائزو وٺندي ان جا خانا پُر ڪرڻ جي نيت ڪريو.

نوٽ: نمازِ باجماعت جي فضيلتن ۽ ان بابت تفصيلي اَحڪام ڄاڻڻ لاءِ شيخِ طريقت اميرِ اهل سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب ۞ فيضانِ نماز صفحو 137 کان 230 ۽ ۞ بهارِ شريعت جلد اول، صفحو 574 کان 594 پڙهو.

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

## سمهڻ وقت جي دعا:

اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَاَحْيَا

ترجمو: اي الله! مان تنهنجي نالي سان مران ٿو ۽ جيئان ٿو(يعني سمهان ۽ جاڳان ٿو.)[2]

# اجتماعي جائزي جو طريقو(72 نيڪ اعمال)

## روزانو 56 نيڪ اعمال:

1...فتاویٰ رضويہ، جلد:7،صفحہ:102ملتقطاً۔

2...بخاری، کتاب الدعوات، صفحہ:1560، حديث:6314، ومدنی پنج سوره، صفحہ:203۔

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَةُالْمُلْك پڙهي يا ٻڌي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيح فاطمه ۽ سُوْرَةالْاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنزالايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اکين کي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نَظرِ کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** آذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** "توهان" ۽ "جي" چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر جي نماز جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ڀين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناه ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتّن تي ڪجهه نہ ڪجهه عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلٰوةُالَّليل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** ڀين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان

بچيؤ؟ **(39):** ڪجھ نہ ڪجھ وقت”مدني چينل“ ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ **(41):**وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر جي نمازکان بعد واري مدني حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** اسراف کان بچيؤ؟ **(49):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(50):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(52):** فضول گفتگو کان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(54):** عمامو شريف ٻَڌو؟ **(55):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو **12** پيرا ۞ اشاري سان گفتگو **12** پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو **12** پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علاقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟